SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1974

SINDH ACT NO.IX OF 1974

سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) ايڪٽ، 1974

THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ACT, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 2 جي ترميم
3. سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 3 جي ترميم
4. سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 4 جي ترميم
5. سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 6_A جو اضافو
6. سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 8 جي ترميم
7. سنڌ آرڊيننس VII مجريہ 1974 جي منسوخي

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1974
SINDH ACT NO.IX OF 1974
سنڌ سروس ٽريبيونلز (ترميم) ايڪٽ، 1974
THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ACT, 1974

[24 جون 1974]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽريبيونلز ايڪٽ 1973 ۾ اضافو ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽريبيونلز ايڪٽ 1973 ۾ اضافي ترميم ڪئي ويندي.

جنهن کي هيٺين ريت تبديل ڪيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سروس ٽريبيونلز (ترميم) ايڪٽ، 1974 چيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 2 جي ترميم

2. سنڌ سروس ٽريبيولز ايڪٽ، مجريہ 1973، جنهن کي ان کانپوءِ بہ ايڪٽ ئي چيو ويندو، ان جي دفعہ نمبر 2 جي شق (a) ۾ هيٺين ريت متبادل رکيو ويندو.

"(a) "Civil Servant" جو مقصد اهو ماڻهو جيڪو صوبي جي سول سروس جو ميمبر هجي يا ڪوئي عهدو رکندو هجي يا صوبي جي معاملن جي حوالي سان ڪنهن سول پوسٽ تي فائز هجي ۽ هن ايڪٽ تحت يا ڪنهن کي ڊسچارج ڪيو ويو هجي، نوڪري مان ڪڍيو ويو هجي، يا رٽائر ٿي چڪو هجي ۽ ان لاءِ هن ڊپارٽمينٽ کو آرڊر ڪڍيو هجي، پر هي

اهو نہ هجي:

(i) اهو شخص جيڪو وفاقي حڪومت يا ڪنهن ٻئي صوبي يا اٿارٽي جو ملازم هجي پر ان صوبي ۾ ڊيپوٽيشن تي ڪم ڪندو هجي، يا

(ii) اهو شخص جيڪو ڪانٽريڪٽ تي ملازمت ڪندو هجي يا ورڪ چارج جي بنياد تي ڪم ڪندو هجي ۽ جنهن کي ڪانٽيجنسيز سان معاوضو ڏنو ويندو هجي.

(iii) اهو شخص جيڪو "ورڪر" هجي يا "ورڪ مين" هجي ۽ جنهن جي وضاحت فيڪٽريز ايڪٽ مجريہ 1934 ۾ يا ورڪ مينس ڪمپينسيشن ايڪٽ مجريہ 1923 ۾ ڪئي وئي آهي.

3. تبديل ٿيندڙ هن ايڪٽ جي دفعہ 3 ۾-

(i) ذيلي دفعہ (3) جي شق (b) ۾، لفظن "ڪلاس ون پوسٽ" کي "گريڊ 16 جي پوسٽ يا وڏي پوسٽ جي برابر" سان تبديل ڪيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 3 جي ترميم

(ii) ذيلي دفعہ (6) جي لفظن "پاڪستاني ملازمت جو منافعو" کي "پاڪستاني ملازمت ۾ جيڪڏهن ان جو معاوضو وڌايو وڃي ٿو" سان تبديل ڪيو ويندو.

4. تبديل ٿيندڙ هن ايڪٽ جي دفعہ 4 ۾-

(i) "هن کي" لفظن کانپوءِ "ٽريبيونل جي قيام بعد ٻارنهن مهينن جي اندر اندر يا جيڪو بعد ۾ هجي" لفظن سان متبادل بڻايو ويندو.

سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 4 جي ترميم

(ii) شرطيہ فقري جي شق (b) جو هيٺين ريت متبادل هوندو:ـ

"(b) ٽريبيونل ۾ ڊپارٽمينٽ جي ڪنهن اهڙي حڪم يا فيصلي جي خلاف اپيل داخل نہ ڪري سگهبي جنهن سان ڪنهن فرد جي موزونيت يا غير موزونيت بابت هجي، جنهن کي مقرر ڪيو وڃي يا جيڪو مخصوص عهدي تي رهي يا جنهن کي اعليٰ پوسٽ يا گريڊ ۾ ترقي ڏني وڃي، ۽

(c) بشرطيڪ اهو دفعہ 6 جي گنجائش مطابق، ڪا اپيل ٽريبيونل ۾ اهڙي آرڊر يا فيصلي خلاف داخل نہ ڪئي ويندي جيڪو فيصلو يا حڪم پهرين جولاءِ 1969 تي ڪيو ويو هجي.

5. تبدل ٿيندڙ ايڪٽ ۾، دفعہ 6 کانپوءِ، هيٺ ڏنل دفعہ 6_A جي طور شامل ڪيو ويندو:

سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 6_A جو اضافو

"6_A. ليميٽيشن ايڪٽ 1908 (Act IX of 1908) جي دفعہ 5 ۽ 12 جون شقون هن ايڪٽ تحت اپيلن تي لاڳو ٿينديون."

6. تبديل ٿيندڙ ايڪٽ ۾ موجود دفعہ 8 کي ذيلي دفعہ (1) جو نمبر ڏنو ويندو ۽ ذيلي دفعہ (1) کي ايئن نمبر ڏيڻ بعد هيٺ ڏنل ذيلي دفعہ (2) جي طور تي شامل ڪئي ويندي:ـ

سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 8 جي ترميم

"(2) خاص طور تي ۽ مليل اختيارن سان تعصب ڪانسواءِ، هيٺ ڏنل مسئلن لاءِ هي قاعدا هوندا:ـ

(الف) ٽريبيونل جي فيصلي يا حڪم کان پهرين ٻڌڻي جي لاءِ ٽريبيونل جي ميمبرن جو گهربل انگ جيڪو هن ڪيس کي ٻڌڻ لاءِ ضروري هجي.

(ب) چيئرمين يا ميمبر ٽريبيونل جي خالي ۽ وقتي آسامي کي پُرڻ.	
7. سنڌ سروس ٽريبيونل (ترميم) آرڊيننس، 1974 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	سنڌ آرڊيننس VII مجريہ 1974 جي منسوخي

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.